# طلاق جا نقصان

حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف صاحب
سکروي مدظله
مفتي جامعہ دارالعلوم ڪراچي

مترجم:

مولوي عبيدالله انڍڙ صاحب

استاذ: جامعہ دارالعلوم الاسلاميہ هالا

www.sukkurvi.com

مڪتبہ الاسلام ڪراچي

# طلاق جا نقصان

حضرت مولانا

مفتي عبدالرؤف صاحب

سکروي مدظله

مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي

مترجم مولوي عبيدالله اثيرؒ صاحب

استاذ جامعه دارالعلوم الاسلاميه هالا

مڪتبة الاسلام ڪراچي

www.sukurvi.com

کتاب جونالو: طلاق جا نقصان

مصنف : حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف
صاحب سکروي مدظلہ

ترجمو: مولوي عبيد الله انيڙ صاحب

ڪمپيوٽر لي آؤٽ: سائين ڪمال خان چانديو

سن اشاعت : 10 شوال المکرم 1438ھ مطابق 5 جولاءِ 2017 ع

ناشر : شعبه نشر و اشاعت
جامعه دارالعلوم الاسلاميه هالا

فون نمبر: 0223331744 // 03003041493

ويب سائيٽ :
WWW.DARULUOOMHALA.COM
FACEBOOK ID: Hala. DARULUOOM

ڇپيندڙ : سروري پرنٽنگ ايجنسي،
بـــڪ بـائينڊنگ هالا

موبائل نمبر: 03332851185

www.sukkurvi.com

# فهرست مضامين


| نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | پيش لفظ | 4 |
| 2 | طلاق جا نقصان ۽ ان کان بچڻ جو طريقو | 6 |
| 3 | طلاق جو غلط طريقو ۽ ان جا نقصان | 6 |
| 4 | رجوع جون نا جائز صورتون | 11 |
| 5 | زال مڙس جا حق | 15 |
| 6 | مڙس تي زال جا حق | 15 |
| 7 | زال تي مڙس جا هي حق آهن | 17 |
| 8 | نيڪ زال | 19 |
| 9 | نافرمان زال کي سُڌارڻ جا ٽي طريقا | 20 |
| 10 | پاڻ ۾ صلح ۽ صفائي جو هڪ بهتر طريقو | 22 |
| 11 | نڪاح جو مقصد طلاق ڏيڻ ناهي | 23 |
| 12 | بهترين طريقي جا فائدا | 27 |
| 13 | طلاق بالڪل آخري مرحلي تي آهي | 25 |
| 14 | طلاق ڏيڻ جو احسن يعني سهڻو طريقو | 26 |
| 15 | هڪدم ٽي طلاقون ڏيڻ سان ٽنهي جي پئجي وڃڻ جو سبب | 33 |


www.sukkurvi.com

# پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نحمدہٗ ونصلی علیٰ رسوله الكريم

فقيہ العصر حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف سکروي مد ظله العالي مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي مؤفق من الله تعالیٰ آهن سندن دستِ مبارڪ سان سوين قيمتي ڪتاب، رسالا ۽ مضامين تيار ٿي زيورِ طبع سان آراسته و پيراسته ٿي مقبوليت تام حاصل ڪري چڪا آهن. جن مان ڪي قابل قدر ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڇپجي چڪا آهن، انهن مان هڪ ڪتاب ”طلاق کے نقصانات“ آهي. اڄ جي دور ۾ طلاق جي ايتري ڪثرت آهي جو روزانه طلاق جي ذريعي ڪيترا گهر ويران ۽ ٻچا پيءُ ماءُ جي پرورش کان محروم پيا ٿين جيترو مسئلو ڪينسر وانگر سنگين آهي ايتروئي ان کان لاپرواهي تمام گهڻي آهي جو ڪيترا ماڻهو ته ٽي طلاقون ڏيڻ جي باوجود زالن کي پاڻ وٽ رهاري بدڪاريءَ جو ارتڪاب ڪري رهيا آهن ۽ ڪيتريون عورتون ٽي طلاقون ملڻ ڪري

www.sukkurvi.com

## فهرست مضامين


| نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | پيش لفظ | 4 |
| 2 | طلاق جا نقصان ۽ ان کان بچڻ جو طريقو | 6 |
| 3 | طلاق جو غلط طريقو ۽ ان جا نقصان | 6 |
| 4 | رجوع جون نا جائز صورتون | 11 |
| 5 | زال مڙس جا حق | 15 |
| 6 | مڙس تي زال جا حق | 15 |
| 7 | زال تي مڙس جا هي حق آهن | 17 |
| 8 | نيڪ زال | 19 |
| 9 | نافرمان زال کي سُڌارڻ جا ٽي طريقا | 20 |
| 10 | پاڻ ۾ صلح ۽ صفائي جو هڪ بهتر طريقو | 22 |
| 11 | نڪاح جو مقصد طلاق ڏيڻ ناهي | 23 |
| 12 | بهترين طريقي جا فائدا | 27 |
| 13 | طلاق بالڪل آخري مرحلي تي آهي | 25 |
| 14 | طلاق ڏيڻ جو احسن يعني سهڻو طريقو | 26 |
| 15 | هڪدم تي طلاقون ڏيڻ سان ٿنهي جي پنجي وڃڻ جو سبب | 33 |


www.sukkurvi.com

# پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

فقيہ العصر حضرت مولانا مفتي عبدالرؤف سکروي مد ظله العالي مفتي جامعه دارالعلوم ڪراچي مؤفق من الله تعالىٰ آهن سندن دست مبارڪ سان سوين قيمتي ڪتاب، رسالا ۽ مضامين تيار ٿي زيور طبع سان آراسته و پيراسته ٿي مقبوليت تام حاصل ڪري چڪا آهن. جن مان ڪي قابل قدر ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڇپجي چڪا آهن. انهن مان هڪ ڪتاب "طلاق کے نقصانات" آهي. اڄ جي دور ۾ طلاق جي ايتري ڪثرت آهي جو روزانه طلاق جي ذريعي ڪيترا گهر ويران ۽ ٻچا پيءُ ماءُ جي پرورش کان محروم پيا ٿين جيترو مسئلو ڪينسر وانگر سنگين آهي ايترو ئي ان کان لاپرواهي تمام گهڻي آهي جو ڪيترا ماڻهو ته ٽي طلاقون ڏيڻ جي باوجود زالن کي پاڻ وٽ وهاري بدڪاريءَ جو ارتڪاب ڪري رهيا آهن ۽ ڪيتريون عورتون ٽي طلاقون ملڻ ڪري

www.sukkurvi.com

مائٽن ۾ وينيون آهن انهن کي کو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ انهن جا ٻار يتيمن واري زندگي گذاري رهيا آهن. ان ڪري ضرورت هئي ته حضرت مفتي صاحب مدظله العالي جي هن مفيد ڪتاب جو ترجمو سنڌي سڀاجهڙي ٻوليءَ ۾ ٿئي، چنانچه هن جي ترجمي جي سعادت حاصل ڪئي آهي عزيزم مولانا عبيدالله صاحب مدرس دارالعلوم الاسلاميه هالا هن عاجز هن جي نوڪ پلڪ سنواري آهي دل وجان سان ڏٺي در دعا آهي ته هن ترجمي کي حضرت والا دامت برڪاتهم لاءِ مترجم لاءِ صدقه جاريه بڻائي ۽ خلق خدا کي فائدو حاصل ڪرڻ جي توفيق ڏي ۽ سخت مجبوريءَ بنا طلاق ڏيڻ جي گناه کان ساري مخلوق کي محفوظ فرمائي. آمين

محمد خالد

خادم دارالعلوم الاسلاميه هالا

www.sukkurvi.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## طلاق جا نقصان ۽ ان کان بچڻ جو طريقو

الحمد لله و کفٰی وسلام علیٰ عبادہ الذين اصطفٰی

اما بعد!

الحمدلله اسين مسلمان آهيون. ۽ مسلمانن کي سندن خالق ۽ مالڪ جتي ٻين فرضن ۽ واجبن جا طريقا ٻڌايا آهن، اهڙي طرح نڪاح ۽ طلاق جا طريقا به ٻڌايا آهن ۽ انهن جي مطابق عمل ڪرڻ جو تاڪيدي حڪم ڏنو آهي ۽ ان جي اُبتڙ عمل ڪرڻ ۾ جت الله ۽ سندس رسول ﷺ جي حڪم جي خلاف ورزي آهي جيڪو خود هڪ مستقل گناهه ۽ سنگين ڏوهه آهي. اُت ان ۾ ٻيون به طرح طرح جون خرابيون آهن ۽ طرح طرح جون ڏکيائيون آهن جيڪي روز روز اسان جي سامهون اينديون رهن ٿيون خاص ڪري هڪ عيالدار ۽ ٻارن واري شخص کي جيڪي پريشانيون پيش اچن ٿيون اُهي بيان ڪرڻ جي قابل ناهن.

### طلاق جو غلط طريقو ۽ ان جا نقصان

لئين تہ اسان جي معاشري ۾ طلاق جا بي شمار غلط سلط طريقا هلندڙ آهن ۽ نت نوان غلط طريقا هر روز

www.sukkurvi.com

سامهون اچن ٿا، اُنهن مان سڀ کان وڏيڪ غلط، ناجائز ۽
شريعت جي خلاف طريقو جيڪو بيشمار آفتن ۽ مصيبتن
سان ڀريل آهي، اهو طريقو آهي جيڪو اسان وٽ ڪثرت
سان هلندڙ آهي، ان بابت ۾ جيڪڏهن هي چيو وڃي ته هي ۽
ئي طريقو سو فيصد هلندڙ آهي ته شايد مبالغو نه ٿيندو،
پوءِ وري جهالت جي ڪري انهيءَ طريقي کي طلاق ڏيڻ جو
اڪيلو طريقو سمجهيو ويندو آهي، ان طريقي کان هٽي
طلاق ڏيڻ کي طلاق ڏيڻ سمجهيو ئي نٿو وڃي، اُهو غلط
طريقو هڪ دم ٽن طلاقن ڏيڻ جو آهي، انهيءَ ڪري هر
خاص و عام، جاهل، پڙهيل لکيل، امير غريب، ڪاوڙ ۾ يا
سوچ ويچار کان پوءِ، زباني يا لکت ۾ جڏهن طلاق ڏيندو
هڪ دم ٽي طلاقون ڏيندو، ان کان گهٽ تي قناعت ئي
ناهي ڪندو، بلڪ اتفاق سان جيڪڏهن مڙس هڪ يا ٻن
طلاقن ڏيڻ تي قناعت به ڪري ته ڪيس ٽين طلاق ڏيڻ تي
مجبور ڪيو ويندو آهي ۽ طرح طرح جا طعنا ڏئي ڪري يا
ڌمڪي ڏئي يا ڪنهن طريقي سان وڏيڪ ڪاوڙ ڏياري
ٽين طلاق به انهيءَ وقت ڏياري ويندي آهي ۽ جيستائين
مڙس ٽي طلاقون نه ڏئي، نه مڙس جي ڪاوڙ ٿڌي ٿيندي،

نہ زال جي نہ ٻين گهر وارن جي ۽ نہ ٻين مائٽن جي، ۽ ان کان پهريان نہ ٻارن جي بربادي جو خيال ايندو آهي، نہ گهر جي ويران ٿيڻ جو، نہ ٻن خاندانن ۾ عداوت ۽ دشمنيءَ جو، ڪو بہ ان وقت هوش کان ڪم ناهي وٺندو، ۽ جڏهن مڙس زال کي طلاق جون ٽئي گوليون هڻي ڇڏيندو آهي تہ سيني کي سڪون ٿي ويندو آهي ۽ هوش اچي ويندو آهي.

پوءِ جڏهن ننڍڙن ٻارن جو خيال ايندو آهي ۽ سندن لڙيل معصوم چهرا سامهون ايندا آهن ۽ گهر ويران ٿيندو نظر ايندو آهي تہ وايون بطال ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ هر هڪ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ٻئي زال مڙس پنهنجي ڪئي تي پشيمان هوندا آهن ۽ معافي شافي ڪري گهڻو جلدي صلح ۽ ناهہ تي تيار ٿي ويندا آهن، پر پاڻيءَ جي مٿي تان چڙهي وڃڻ کان پوءِ هيءَ پشيماني ۽ صلح، ناهہ ڪجهہ ڪم ناهي ايندو ۽ نہ روح راڙي سان ڪم نڪرندو آهي، ٽئي طلاقون پئجي وينديون آهن، حرمت مغلظہ ثابت ٿي ويندي آهي ۽ زال مڙس تي حرام ٿي ويندي آهي جنهن ۾ رجوع بہ نٿو ٿي سگهي ۽ بنا حلالي جي هڪ ٻئي سان وري نڪاح بہ نٿو ٿي سگهي ۽

www.sukkurvi.com

سامهون اچن ٿا . اُنهن مان سڀ کان وڌيڪ غلط، ناجائز ۽ شريعت جي خلاف طريقو جيڪو بيشمار آفتن ۽ مصيبتن سان ڀريل آهي، اهو طريقو آهي جيڪو اسان وٽ ڪثرت سان هلندڙ آهي، ان بابت ۾ جيڪڏهن هي چيو وڃي ته هيءُ ئي طريقو سو فيصد هلندڙ آهي ته شايد مبالغو نه ٿيندو، پوءِ وري جهالت جي ڪري انهيءَ طريقي کي طلاق ڏيڻ جو اڪيلو طريقو سمجهيو ويندو آهي، ان طريقي کان هٽي طلاق ڏيڻ کي طلاق ڏيڻ سمجهيو ئي نٿو وڃي، اُهو غلط طريقو هڪ دم ٽن طلاقن ڏيڻ جو آهي، انهيءَ ڪري هر خاص و عام، جاهل، پڙهيل لکيل، امير غريب، ڪاوڙ ۾ يا سوچ ويچار کان پوءِ، زباني يا لکت ۾ جڏهن طلاق ڏيندو هڪ دم ٽي طلاقون ڏيندو، ان کان گهٽ تي قناعت ئي ناهي ڪندو، بلڪ اتفاق سان جيڪڏهن مڙس هڪ يا ٻن طلاقن ڏيڻ تي قناعت به ڪري ته ڪيس ٽين طلاق ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي ۽ طرح طرح جا طعنا ڏئي ڪري يا ڌمڪي ڏئي يا ڪنهن طريقي سان وڌيڪ ڪاوڙ ڏياري ٽين طلاق به انهيءَ وقت ڏياري ويندي آهي ۽ جيسيتائين مڙس ٽي طلاقون نه ڏئي، نه مڙس جي ڪاوڙ ٿڌي ٿيندي،

www.sukkurvi.com

نہ زال جي نہ پنهنجي گهر وارن جي ۽ نہ پنهنجي مائٽن جي، ۽ ان کان پهريان نہ ٻارن جي بربادي جو خيال ايندو آهي، نہ گهر جي ويران ٿيڻ جو، نہ ٻن خاندانن ۾ عداوت ۽ دشمنيءَ جو، ڪو بہ ان وقت هوش کَان ڪم ناهي وٺندو، ۽ جڏهن مڙس زال کي طلاق جون ٽئي گوليون هٽي ڇڏيندو آهي تہ سيني کي سڪون ٿي ويندو آهي ۽ هوش اچي ويندو آهي.

پوءِ جڏهن ننڍين ننڍين ٻارن جو خيال ايندو آهي ۽ سندن لٿل معصوم چهرا سامهون ايندا آهن ۽ گهر ويران ٿيندو نظر ايندو آهي تہ واپس ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ هر هڪ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ٻئي زال مڙس پنهنجي ڪَئي تي پشيمان هوندا آهن ۽ معافي شافي ڪري گهڻو جلدي صلح ۽ ناهہ تي تيار ٿي ويندا آهن، پر پاڻيءَ جي مٽي تان چڙهي وڃڻ کان پوءِ هيءَ پشيماني ۽ صلح، ناهہ ڪجهہ ڪم ناهي ايندو ۽ نہ روڄ راڙي سان ڪم نڪرندو آهي، ٽئي طلاقون پئجي وينديون آهن، حرمت مغلظہ ثابت ٿي ويندي آهي ۽ زال مڙس تي حرام ٿي ويندي آهي جنهن ۾ رجوع بہ نٿو ٿي سگهي ۽ بنا حلالي جي هڪ ٻئي سان وري نڪاح بہ نٿو ٿي سگهي ۽

www.sukkurvi.com

طلاق ڏيڻ ۾ ناجائز طريقي کي اختيار ڪرڻ جو وڏو ڏوھ
الڳ ٿيو. پوءِ جيڪڏھن ناحق طلاق ڏني آھي تہ ناحق طلاق
ڏيڻ ظلم آھي جيڪو خود ڪبيرہ گناھ آھي ۽ حرام آھي.

ان ڪان پوءِ علماءِ ڪرام ۽ مفتيانِ عظام جا دروازا
ڪڙڪايا ويندا آھن ۽ وڏي نوڙت سان پنھنجي ڏک ڀري
ڪھاڻي ٻُڌائي ويندي آھي، معصوم ٻارن جي بربادي ۽ جو
ذڪر ٿيندو آھي، اکين مان ڳوڙھن جا درياءَ وھايا ويندا
آھن ۽ درخواست ڪئي ويندي آھي تہ ڪنھن نہ ڪنھن
طريقي سان گنجائش ڪڍي ان جي گھر کي تباھي کان
بچايو وڃي، ڪو ڪفارو ٻُڌايو وڃي جنھن سان ڏنل ٽي
طلاقون ختم ٿي وڃن ۽ اسين وري زال مڙس ٿي وڃون، پر
ھاڻ زال مڙس ڪٿان ٿا ٿي سگھن؟ ڇيھر زال مڙس ٿيڻ جا
جيترا رستا ۽ جيڪي گنجائشون الله ۽ سندس رسول ﷺ
رکيون ھيون اُھي سڀ پنھنجي ناداني سان ھڪدم ختم
ڪري ڇڏيون. ھن وقت ڏئي وٺي ڪري صرف ھي طريقو
رھجي ٿو وڃي تہ عدت گذارڻ کان پوءِ طلاق ڏنل عورت
ڪنھن ٻئي شخص سان نڪاح ڪري، نڪاح کان پوءِ ٻيو
شخص طلاق ڏنل عورت سان باقاعدہ جماع (ھمبستري)

ڪري ۽ جماع ڪان پوءِ پنهنجي خوشي سان طلاق ڏي ۽
پوءِ طلاق ڏنل عورت اُن ٻئي مڙس جي عدت بہ گذاري، ان
ڪان پوءِ وڃي ڪري اُها پهرين مڙس لاءِ حلال ٿي سگهي
ٿي ۽ ساڻس نڪاح ڪري سگهي ٿي، پر طلاق ڏنل عورت
جو ٻيو نڪاح ڪرڻ وقت هيءَ شرط لڳائڻ تہ ٻيو مڙس
نڪاح ڪان پوءِ کيس ضرور طلاق ڏيندو، پاڻ لعنت جو
سبب آهي، حديث پاڪ ۾ ائين ڪرڻ ڪرائڻ واري تي
لعنت آئي آهي، ڪڏهن ٻيو مڙس همبستري ڪرڻ بنا طلاق
ڏئي ڇڏيندو آهي، بلڪِ ان جي ئي ڪوشش ڪئي ويندي
آهي، اهڙي طريقي سان تہ طلاق ڏنل عورت پهرين مڙس
لاءِ حلال ئي ناهي ٿيندي، ڇو تہ پهرين مڙس تي حلال ٿيڻ
لاءِ ٻئي مڙس جو وطي (همبستري) ڪرڻ شرط آهي، وري
اهو طريقو بہ ڪو شخص پنهنجي غيرت ڪي پري رکي ئي
ڪري سگهي ٿو يا وڏي سخت مجبوريءَ ۾ برداشت ڪري
سگهي ٿو، سليم الطبع ۽ غيرت مند ماڻهو انکي نٿو
اختيار ڪري سگهي، ۽ ڪجھ ماڻهو ٻين طريقن سان ان
معاملي کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ سندن اهي
ساطريقا انتهائي بُڇڙا هوندا آهن جو تہ مذڪوره طريقي

www.sukkurvi.com

۾ صحيح طرز سان عمل ڪرڻ ۾ طلاق ڏنل عورت بهرحال پهرين مڙس لاءِ حلال ته ٿي ويندي آهي پر ٻي صورت اختيار ڪرڻ سان طلاق ڏنل عورت پهرين مڙس لاءِ حلال ئي ناهي ٿيندي، بدستور حرام رهندي آهي.

## رجوع جون ناجائز صورتون

جيئن ته ڪجهه جڳهن تي سمورن حڪمن کي پُٺي ڏئي ، قبر جي عذاب، آخرت جي عذاب ۽ الله تعالىٰ جي قهر کان بي خوف ٿي واضح طور تي ٽي طلاقون ڏيڻ جي باوجود بنا ڪنهن حلالي ۽ نڪاح جي زال مڙس ۾ رجوع ڪرايو ويندو آهي، گهر جا وڏا يا ٻيا محلي وارا ڪين هي چئي ڪري تسلي ڏيندا آهن ته ڪاوڙ ۾ طلاق ناهي ٿيندي، يا شاهدن بنا طلاق ناهي ٿيندي، يا بالڪل اڪيلائي ۾ طلاق ناهي ٿيندي، يا دل ۾ طلاق ڏيڻ جو ارادو نه هجي ته طلاق ناهي ٿيندي، يا زال کي طلاق جي خبر نه هجي ته طلاق ناهي ٿيندي، يا زال طلاق نامي جي رجسٽري موٽائي ڇڏي ۽ نه وٺي ته طلاق ناهي ٿيندي، يا جيستائين اُها طلاق جي لکت نه پڙهي ۽ قبول نه ڪري ته طلاق ناهي ٿيندي، يا صرف لکت ۾ طلاق ڏيڻ سان جڏهن ته مڙس

www.sukkurvi.com

زباني طلاق نہ ڏني هجي طلاق ناهي ٿيندي، يا طلاق ڏنل عورت پيٽ سان هجي طلاق ناهي ٿيندي. هي سڀ جاهلن جون پنهنجيون ٺاهيل ۽ هٿ ٺوڪيون دليلون آهن جيڪي بالڪل واهيات آهن. شرعي اعتبار سان انهن سڀني صورتن ۾ بلاشبہ ٽي طلاقون پئجي وڃن ٿيون ۽ سندن رجوع صرف حرام ڪاري جو ذريعو هوندو آهي ۽ ان طرح سندن سموري زندگي گُناهه ۾ گذرندي آهي جنهن ۾ هي ٻئي مرد ۽ عورت تہ ڏوهاري هوندائي آهن، گڏو گڏ اُهي ماڻهو بہ ڏوهاري ٿيندا آهن جن هنن ٻنهن کي هن حرام زندگي گذارڻ تي رضامند ڪيو.

ڪي ماڻهو ٽي طلاقون ڏيڻ کان پوءِ ٽن طلاقن جو اقرار ناهن ڪندا، يا طلاق ئي جا انڪاري ٿي ويندا آهن ۽ سمجهندا آهن ان طرح طلاقون ناهن ٿينديون يا وري صاف ڪوڙ ڳالهائي ٽن جي بجائي ٻہ لکرائيندا ۽ ٻُڌائيندا آهن ۽ مفتيءَ کي دوکو ڏئي رجوع جي فتويٰ وٺندا آهن ۽ ماڻهن ۾ مشهور ڪندا آهن تہ فلاڻي وڏي مفتي صاحب جي يا فلاڻي وڏي مدرسي مان فتويٰ گُهرائي آهي تہ طلاق ناهي ٿي، ان ڪري رجوع ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح عوام کي بہ دوکو

www.sukkurvi.com

ڏيندا آهن جيئن ڪنهن جي سامهون رُسوائي نہ ٿئي ۽ پوءِ انهن چالاڪين سان هو سمجهندا آهن تہ زال حلال ٿي وئي آهي جيڪو صرف ۽ صرف پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ آهي. مفتي غيب دان ناهي، هو لکت ۽ بيان جو پابند آهي، جيڪي ڪجھ ڪيس پڙهيو ويندو هو ان جي مطابق جواب لکي ڏيندو، بيان ۽ لکت جي ذميداري واقعي پيش آيل ماڻهو تي آهي، اصل حقيقت لڪائي ڪري هڪ يا ٻن طلاقن جي حڪم کي ٽن طلاقن جي حڪم تي فِٽ ڪرڻ سان زال هر گز حلال نہ ٿيندي، پهرين وانگر حرام رهندي. اهڙا ماڻهو مفتي ۽ عوام کي دوکو ڏئي سگهن ٿا پر الله جل شانہ کي دُوکو نٿا ڏئي سگهن، اُهي ٻاهر حق تعالىٰ جي سامهون آهن ۽ سندس قهر ۽ ڪاوڙ کان نٿا بچي سگهن.

ڪجھ ماڻهو ٽن طلاقن کان بچڻ لاءِ جڏهن فقہ حنفيءَ ۾ ڪو رستو ناهن لهندا تہ پنهنجو حنفي مسلڪ ڇڏي غير مقلدن وٽ ويندا آهن ۽ انهن کان فتوىٰ وٺي ڪري رجوع ڪندا آهن. انهن جي مسلڪ ۾ هڪ ئي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٽي طلاقون هڪدم ڏئي ڇڏي تہ هڪ ئي طلاق ٿيندي آهي ۽ پيهر رجوع ٿي سگهي ٿو. سندن

هيءُ مسلڪ قرآن حڪيم، صحيح حديثن، صحابهؓ، تابعينؒ، چئني امامن حضرت امام ابو حنيفهؒ، حضرت امام مالڪؒ، حضرت امام شافعيؒ حضرت امام احمد بن حنبلؒ ۽ جمهور اُمّت جي خلاف آهي ۽ علمي اعتبار سان غلط آهي. (ان سلسلي ۾ ڪُجھ حديثون آخر ۾ اچي رهيون آهن) انهن جي مسلڪ تي عمل ڪري هي ماڻهو حرام ڪاري جي زندگي گُذاريندا آهن. خلاصو هي آهي ته هڪدم ٽي دفعا طلاق ڏيڻ ۾ مصيبت ئي مصيبت ۽ گُناهه ئي گُناهه آهي.

جيڪڏهن نڪاح کان اڳ يا نڪاح کان پوءِ ئي طلاق جا مسائل سِکيا وڃن (جڏهن ته مسائل کي سکڻ اُن وقت فرض به هو) ۽ پوءِ ان تي عمل ڪيو وڃي ها ته اڄ هي بُرو ڏينهن نه ڏسڻو پئي ها، گهر ۽ ٻار برباد نه ٿين ها، سڪون تباهه نه ٿئي ها، ٻِن خاندانن ۾ دشمني پيدا نه ٿئي ها. ان ڪري هڪدم ٽي طلاقون ڏيڻ کان مڪمل پاسو ڪرڻ واجب آهي، جيستائين ٿي سگهي ڪاوڙ ۾ ڪڏهن به طلاق نه ڏني وڃي، جيڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڪڏهن اهڙو موقعو اچي ته فوراً اُتان کان الڳ ٿي وڃي ۽ جڏهن ڪاوڙ ختم ٿي وڃي ۽ پوءِ به طلاق ڏيڻ جو ارادو هجي ته ان

سلسلي ۾ گهڻ ۾ گهڻ قرآن و سنت جي هيٺ ڏنل مختصر هدايتن جو ضرور مطالعو ڪجي ۽ شرعي حدن جي اندر رهي ڪري ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

## زال مڙس جا حق

زال مڙس جو ناتا خراب ٿيڻ جو اصل بنياد عام طور تي هڪ ٻئي جا حق ادا نه ڪرڻ آهي. ان سان ئي جهيڙا ٿيندا آهن. ڪاوڙ پيدا ٿيندي آهي. ان ڪري ٻنهي تي لازم آهي ته هڪ ٻئي جا حق سُڃاڻن، ۽ پوءِ انهن سمورن حقن کي ادا ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪن. جتي ڪوتاهي ٿي رهي هجي، کليل دل سان ان جو اعتراف ڪجي، جلد کان جلد ان جي تلافي ڪجي. جيڪڏهن ائين ٿئي ته شايد ئي ڪا رنجش ٿئي. هتي اختصار سان ٻنهي جي ڪُجهه شرعي حقن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## مُڙس تي زال جا هي حق آهن

(۱) زال سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچجي.

(۲) اعتدال سان سندس تڪليف تي صبر ڪري يعني جيڪڏهن زال کان ڪا خلافِ طبيعت ۽ ناگوار ڳالهه نڪري ته ان تي صبر ڪري، برداشت ڪري ۽ نرميءَ سان ڪيس

سمجھائي تہ جيئن اڳتي ھوءَ خيال رکي ۽ معمولي معمولي ڳالھ تي ناراض ٿيڻ کان بچي.

(۳) غيرت ۾ اعتدال رکي. ان جو مطلب ھي آھي تہ. نہ اجايو زال تي بد گماني ڪجي ۽ نہ بالڪل ان کان غافل ٿي وڃي.

(۴) خرچ ۾ اعتدال رکي. يعني حد کان وڌيڪ تنگي نہ ڪجي ۽ نہ فضول خرچيءَ جي اجازت ڏجي، وچولو رستو اختيار ڪجي.

(۵) حيض ۽ نفاس جا احڪام سکي ڪري زال کي سيکارڻ. نماز پڙھڻ ۽ دين تي ھلڻ جي تاڪيد ڪري ۽ بدعتن ۽ رسمن کان منع ڪري

(٦) جيڪڏھن ھڪ کان وڌيڪ زالون آھن تہ انھن ۾ حق برابر رکجن.

(۷) ضرورت آھر ان سان جماع (ھمبستري) ڪري.

(۸) بنا اجازت جي عزل نہ ڪري يعني ھمبستري ڪرڻ وقت زال جي مرضي بنا مني ٻاھر نہ ڪڍجي.

(۹) بنا ضرورت جي طلاق نہ ڏجي.

(۱۰) ضرورت آھر رھڻ لاءِ گھر ڏجي.

www.sukkurvi.com

(۱۱) ڪڏهن ڪڏهن زال جي ويجهن مائٽن ۽ عزيزن کي ساڻس ملڻ ڏجي.

(۱۲) ساڻس همبستريءَ يعني حق شرع جون ڳالهيون ٻين تي ظاهر نہ ڪجن.

(۱۳) ضرورت وقت زال کي مارڻ جي ۽ تنبيہ ڪرڻ جي جيڪا حد شريعت ٻڌائي آهي ان کان وڌيڪ نہ مارڻ (ان جو تفصيل اڳيان اچي رهيو آهي بلڪ اڄ جي دور ۾ بلڪل نہ مارجي)

## زال تي مڙس جا هي حق آهن

(۱) هر جائز ڪم ۾ مڙس جي فرمانبرداري ڪرڻ، البتہ شريعت جي خلاف ۽ گناهہ جي ڪم ۾ معذرت ڪري ڇڏي.

(۲) مڙس جي حيثيت کان وڌيڪ خرچ پکي جو مطالبو نہ ڪري.

(۳) مڙس جي اجازت بنا ڪنهن کي بہ گهر ۾ اچڻ نہ ڏي.

(۴) مڙس جي اجازت بنا پنهنجي گهر کان ٻاهر نہ نڪري.

www.sukkurvi.com

(٥) مڙس جي اجازت بنا سندس مال مان ڪنهن ڪي بہ ڪُجھ بہ نہ ڏي.

(٦) سندس اجازت بنا نفل نماز نہ پڙهي ۽ نفلي روزو نہ رکي. البتہ مڙس کي بلاوجہ نہ روڪڻ گهرجي.

(٧) مڙس همبستريءَ لاءِ سڏي تہ بنا شرعي منع ۽ رڪاوٽ جي انڪار نہ ڪجي.

(٨) مڙس کي تنگدست ۽ بدشڪل هجڻ جي ڪري حقير نہ سمجهي.

(٩) جيڪڏهن مڙس ۾ ڪا ڳالهہ شريعت جي خلاف ۽ گُناهہ جي ڏسي تہ ادب سان منع ڪجي.

(١٠) سندس نالو وٺي ڪري نہ سڏجي.

(١١) سندس سامهون گستاخي ۽ بدزباني نہ ڪجي.

(١٢) سندس والدين کي مخدوم سمجهي ڪري انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، ساڻن جهيڙو جهڳڙو ڪري يا ڪنهن بي طريقي سان تڪليف نہ پهچائجي.

(دین کی باتیں و حقوق الاسلام)

www.sukkurvi.com

## نيڪ زال

قرآن ڪريم جي روشني ۾ نيڪ زال اُها آهي جيڪا مرد جي حاڪميت تسليم ڪري سندس اطاعت ڪري، سندس سمورا حق ادا ڪرڻ سان گڏو گڏ سندس پر پٺ پنهجي نفس ۾ مال جي حفاظت ڪري، پنهنجي عزت ۽ مال جي حفاظت جيڪا گهريلو ڪمن مان سڀ کان اهم آهي ان کي ادا ڪرڻ ۾ مڙس جي سامهون هجڻ ۽ پويان هجڻ جو حال بالڪل برابر رکي، اهڙيءَ طرح جو مڙس جي سامهون ته انجو اهتمام ڪري ۽ سندس غير موجودگيءَ ۾ لاپرواهي ڪري. هڪ حديث ۾ انجي وڌيڪ تشريح آهي ته حضور اقدس ﷺ جن ارشاد فرمايو:

"سڀ کان سُٺي عورت اُها آهي جڏهن تون هان انکي ڏسو ته خوش ٿيو ۽ جڏهن ڪيس ڪوئي حڪم ڏيو ته فرمانبرداري ڪري ۽ جڏهن توهان غائب هجو ته پنهنجي نفس ۽ مال جي حفاظت ڪري." (معارف القرآن)

هڪ ٻي حديث ۾ آهي ته حضور اقدس ﷺ ارشاد فرمايو:

www.sukkurvi.com

”جيڪا عورت پنهجي مڙس جي تابعدار ۽ فرمانبردار هجي انجي لاءِ هوا ۾ پکي، دريا ۾ مڇيون، آسمانن ۾ فرشتا ۽ جهنگن ۾ درندا استغفار ڪندا آهن.“ (بحر محيط)

## نافرمان زال کي سُڌارڻ جا ٽي طريقا

جڏهن ڪنهن جي زال سندس فرمانبرداري نہ ڪري، سندس حق ادا نہ ڪري ۽ سُٺي سليقي سان زندگي نہ گذاري تہ قرآن ڪريم سندس سُڌارڻ لاءِ ترتيب وار ٽي طريقا ٻُڌايا آهن. طلاق ڏيڻ کان پهريان انهن ٽنهي تي عمل ڪجي.

(١) پهريون طريقو ۽ درجو هيءُ آهي تہ مڙس زال کي نرميءَ سان سمجهائي، سندس غلط فهمي کي ختم ڪري. جيڪڏهن هُن ڄاڻي واڻي غلط طريقو اختيار ڪيو آهي تہ سمجهائي ڏئي صحيح طريقو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪري، ان سان ڪم ٿي ويو تہ معاملو اتي ئي ختم ٿي ويو، عورت هميشہ جي لاءِ گُناهہ کان، مرد دلي تڪليف کان ۽ ٻئي رنج ۽ غم کان بچي ويا. جيڪڏهن هن سمجهائڻ سان ڪم نہ ٿئي تہ

www.sukkurvi.com

(٢) ٻيو درجو هيءُ آهي تہ ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ لاءِ زال جو هنڌ پاڻَ ڪان الڳ ڪري ۽ ڪانئس الڳ سُمهي. هي هڪ معمولي سزا ۽ سڀ ڪان سُٺي تنبيہ آهي، ان سان عورت ڪي تنبيہ ٿي وئي تہ جهيڙو اٿئي ختم ٿي ويو. ۽ جيڪڏهن هوءَ ان شريفاڻي سزا تي بہ پنهنجي نافرماني ۽ اڏنگي روش ڪان نہ رڪجي تہ

(٣) ٽين درجي ۾ مڙس ڪي معمولي مار ڏيڻ جي بہ اجازت آهي، جنهن جي حد هي آهي تہ جسم تي ان مار جو اثر ۽ زخم نہ ٿئي ـــــ پر ان ٽين درجي جي سزا جي استعمال ڪي رسول ڪريم ﷺ جن پسند ناهي فرمايو. ان ڪري هن درجي تي عمل ڪرڻ ڪان بچڻ بهتر آهي.

بهرحال جيڪڏهن هن معمولي مار سان بہ معاملو صحيح ٿي ويو، صلح صفائي ٿي وئي، تعلقات بحال ٿي ويا، تڏهن بہ مقصد حاصل ٿي ويو، مڙس تي بہ لازم آهي تہ هو بہ وار جي ڳل نہ لاهي ۽ هر ڳالهہ ميڙائڻ جو ضد نہ ڪري چشم پوشي ۽ در گذر ڪان ڪم وٺي ۽ جيسيتائين ٿي سگهي نڀائڻ جي ڪوشش ڪري.

www.sukkurvi.com

## پاڻ ۾ صلح ۽ صفائي جو هڪ بهتر طريقو

مذڪوره ٽي طريقا تہ اُهي هئا جن جي ذريعي گهر جو جهيڙو گهر ئي ۾ ختم ٿي وڃي، پر ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو جهيڙو وڌي ويندو آهي توڙي ان جي ڪري جو زال جي طبيعت ۾ نافرماني، سرڪشي ۽ آزادي آهي يا ان بنياد تي تہ مڙس جو قصور آهي يا سندس طرفان اجايو تشدد ۽ زيادتي آهي.

بهرحال ان صورت ۾ گهر جي ڳالهہ گهر کان ٻاهر نڪرڻ لازمي آهي، پر عام عادت مطابق تہ هي ٿيندو آهي جو ٻنهي ڌرين جا حمايتي هڪ ٻئي تي ٻيڻا ڏوهہ ۽ الزام لڳائيندا وتندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين ۾ اشتعال پيدا ٿي ويندو آهي، ۽ پوءِ ٻن شخصن جي ويڙهہ خانداني ويڙهہ جي صورت اختيار ڪري وٺندي آهي.

قرآن ڪريم ان وڏي فساد کي بند ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ صلح صفائي ڪرائڻ لاءِ هڪ ڏاڍو صاف سُٺو طريقو ٻُڌايو آهي. ۽ اُهو هيءُ آهي تہ برادري جا وڏا ۽ معاملن کي سمجهڻ وارا ماڻهو يا حڪومت وارا يا ڌرين جا متولي ٻہ

www.sukkurvi.com

(۲) ٻيو درجو هيءُ آهي ته ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ لاءِ زال جو هنڌ پاڻ کان الڳ ڪري ۽ ڪانئس الڳ سُمهي. هي هڪ معمولي سزا ۽ سڀ کان سُٺي تنبيه آهي. ان سان عورت کي تنبيه ٿي وئي ته جهيڙو ات ئي ختم ٿي ويو. ۽ جيڪڏهن هوءَ ان شريفاڻي سزا تي به پنهنجي نافرماني ۽ اڏنگي روش کان نه رڪجي ته

(۳) ٽين درجي ۾ مڙس کي معمولي مار ڏيڻ جي به اجازت آهي، جنهن جي حد هي آهي ته جسم تي ان مار جو اثر ۽ زخم نه ٿئي ـــــ پر ان ٽين درجي جي سزا جي استعمال کي رسول ڪريم ﷺ جن پسند ناهي فرمايو. ان ڪري هن درجي تي عمل ڪرڻ کان بچڻ بهتر آهي. بهرحال جيڪڏهن هن معمولي مار سان به معاملو صحيح ٿي ويو، صلح صفائي ٿي وئي، تعلقات بحال ٿي ويا، تڏهن به مقصد حاصل ٿي ويو، مڙس تي به لازم آهي ته هو به وار جي کل نه لاهي ۽ هر ڳالهه ميڃرائڻ جو ضد نه ڪري چشم پوشي ۽ در گذر کان ڪم وٺي ۽ جيستائين ٿي سگهي نڀائڻ جي ڪوشش ڪري.

www.sukkurvi.com

حَڪَم (صلح ڪرائڻ وارا) مقرر ڪن. هڪ مڙس جي خاندان مان، ٻيو عورت جي خاندان مان ۽ ٻنهي حَڪَمن ۾ هي صفتون موجود هجن.

(۱) ٻئي علم وارا هُجن.

(۲) ديانت دار هُجن.

(۳) نيڪ نيت هُجن ۽ دل سان چاهيندا هُجن تہ هنن ۾ صلح ٿي وڃي.

ڄڏهن ۽ پوءِ صلح صفائي جي پوري ڪوشش ڪن. اهڙا امين ٻنهي زال مڙس جي وچ ۾ اخلاص سان صلح جي ڪوشش ڪندا تہ الله تعالىٰ جي طرفان سندن غيبي امداد ٿيندي ۽ هي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ انهن جي ذريعي ٻنهي زال مڙس جي دلين ۾ الله تعالىٰ اتفاق ۽ محبت پيدا فرمائيندو. (از معارف القرآن جلد۲ بتصرف)

## نڪاح جو مقصد طلاق ڏيڻ ناهي

اسلامي هدايتن جو اصل درس هي آهي تہ نڪاح جو معاملو ۽ معاهدو سڄي زندگيءَ لاءِ هُجي، ان کي ٽوڙڻ ۽ ختم ڪرڻ جي نوبت ئي نہ اچي، ڇو تہ نڪاح ختم ڪرڻ جو

اثر صرف زال مڙس تي نٿو پئي، بلڪ نسل ۽ اولاد جي تباهي ۽ بربادي ۽ ڪڏهن خاندانن ۽ قبيلن ۾ فساد تائين نوبت پهچي ٿي ۽ سمورو معاشرو ان کان بُري طرح متاثر ٿئي ٿو. ان ڪري جيڪي سبب ۽ ڪارڻ رشتي کي ختم ڪرڻ جا سبب ٿي سگهن ٿا، قرآن ۽ سنت جي تعليمات انهن سڀني سببن کي رستي کان هٽائڻ جو پورو انتظام ڪيو آهي. زال مڙس جي هر معاملي ۽ هر حال جي لاءِ جيڪي هدايتون قرآن ۽ سنت ۾ ذڪر ٿيل آهن، انهن سڀني جو حاصل اهوئي آهي ته هي رشتو هميشه وڌيڪ کان وڌيڪ مضبوط ٿيندو وڃي، ٽُٽي نه. نااتفاقي جي صورت ۾ جيئن ته اسين مٿي تفصيل سان لکي آيا آهيون ته پهريان سمجهائڻ جون پوءِ دڙڪي ۽ دامان جون هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ جيڪڏهن ڳالهه وڌي وڃي ۽ ان سان به ڪم نه هلي ته خاندان ئي جي ٻن ماڻهن کي امين ۽ ثالث بنائڻ جو حڪم ڪيتري قدر حڪمت وارو آهي جو معاملو خاندان کان ٻاهر ويو ته ڳالهه وڌي وڃڻ ۽ دلين ۾ اڃان وڌيڪ فاصلو پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي. ڪاش اسين به هنن صاف سُٿرين هدايتن تي صحيح طريقي سان عمل ڪيون.

www.sukkurvi.com

جذبات کان مغلوب ٿيڻ بدران چڱي طرح سوچي سمجھي ڪري ان بابت ڪو قدم کڻجي.

## طلاق بالڪل آخري مرحلي تي آهي

ڪڏهن اهڙيون صورتون بہ پيش اينديون آهن جو حالت کي دُرست ڪرڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي وينديون آهن. ڪنهن طريقي سان بہ ٺاهہ نٿو ٿئي، شادي واري زندگي مان مطلوبہ فائدا حاصل ٿيڻ جي بدران زال مڙس جو پاڻ ۾ گڏ رهڻ هڪ عذاب ٿي ويندو آهي، اهڙن سنگين حالتن ۾ ٻنهي جي ان شادي واري تعلق کي ختم ڪرڻ ٿي ٻنهي لاءِ راحت ۽ سلامتيءَ جو سبب هوندو آهي. اهڙن آخري ۽ انتهائي حالتن ۾ شريعت مڙس کي طلاق جو اختيار ڏنو آهي ۽ هي چئي ڪري ڏنو آهي تہ هن اختيار کي استعمال ڪرڻ انتهائي ناپسنديده، نفرت جوڳو، ۽ مڪروهہ آهي، صرف مجبوري ۾ ان جي اجازت آهي ۽ ان جو طريقو بہ پاڻ ٿي ٻُڌايو آهي ۽ ان جي مطابق عمل ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي جنهن جا بيشمار ديني ۽ دُنياوي فائدا آهن.

www.sukkurvi.com

## طلاق ڏيڻ جو احسن يعني سهڻو طريقو

جيئن تہ قرآن ۽ سنت جي ارشادن ۽ صحابہؓ ۽ تابعينؒ جي عمل مان طلاق ڏيڻ جي طريقي بابت جيڪي ڪُجھ ثابت ٿئي ٿو ان جو خلاصو هي آهي تہ جڏهن زال مڙس ۾ ڪنهن بہ طريقي سان صلح، صفائي ۽ ميل ملاپ نہ ٿئي ۽ طلاق ڏيڻ کان سواءِ ڪو چاروئي نہ رهيو هجي تہ طلاق ڏيڻ جو احسن (بهترين) طريقو هي آهي تہ جڏهن زال ماهواري کان پاڪ هُجي ۽ ان پاڪي جي زماني ۾ مڙس زال سان همبستري بہ نہ ڪئي هُجي تہ مڙس صاف لفظن ۾ زال کي صرف هڪ طلاق ڏئي مثال جي طور تي هيئن چئي: ”مون توکي هڪ طلاق ڏني“. ان کان پوءِ عدت گذرڻ ڏئي. عدت جي دوران رجوع (موٽائي) تہ بهتر آهي، نہ تہ ان طرح عدت ختم ٿيڻ سان ئي نڪاح جو رشتو پنهنجو پاڻ ٽٽي پوَندو، زال مڙس کان بالڪل جُدا ٿي ويندي ۽ آزاد ٿي ويندي ۽ کيس اختيار هوندو جِتي چاهي نڪاح ڪري. فقهاءِ ڪرام اهڙي طرح طلاق ڏيڻ کي طلاق احسن چيو آهي ۽ صحابہ ڪرامؓ بہ ان کي طلاق جو بهترين طريقو قرار

www.sukkurvi.com

ڏنو آهي. ان ڪري جڏهن طلاق ڏيڻ انتهائي ضروري هُجي ته اِن ئي طريقي جي مطابق طلاق ڏيڻ گهرجي.

**بهترين طريقي جا فائدا**

طلاق جي ان بهترين طريقي ۾ ائين ته بيشمار فائدا آهن. ڪي اهم فائدا هي آهن.

(ا) سب کان اهم فائدو ان طريقي ۾ هي آهي ته طلاق جا جيترا واقعا سامهون اچن ٿا انهن مان نَوانوي فيصد واقعن ۾ زال مڙس ان واقعي جي ڪري پڇتائيندا ۽ شرمسار ٿيندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن ته ڪنهن طريقي سان ٻيهر سندن نڪاح وارو رشتو بحال ٿي وڃي. پر جيئن ته هو ٽي طلاقون ڏئي چُڪا هوندا آهن ۽ رجوع ڪرڻ يا حلالي بنا ٻيهر نڪاح ڪرڻ جي سيني درجن ڪان ٿپي ايندا آهن. ان ڪري سندن شرمسار ٿيڻ ۽ صلح لاءِ تيار ٿيڻ ڪُجھ ڪم ناهي ايندو. ذڪر ڪيل طلاق جي ان بهترين طريقي تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ طلاق ڏيڻ ڪان پوءِ ٽي ماهواريون گذرڻ تائين عدت آهي بشرطيڪ حمل نہ هجي، نہ تہ ٻار ڄمڻ تائين عدت آهي ۽ عدت جي وچ ۾ ٻنهي زال مڙس کي الڳ ٿيڻ ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ نتيجن تي غور ۽

فڪر جو چڱو تائير ملي ويندو آهي ۽ مستقبل جي سلسلي ۾ صحيح فيصلي ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. جيڪڏهن عدت جي وچ ۾ ٻئي ان نتيجي تائين پُهچن ته طلاق ڏيڻ سُٺو ناهي ۽ پنهنجي ڪَئي تي شرمسار هُجن، زال مڙس جي فرمانبرداري ڪرڻ، پنهنجي ڪوتاهين کي ختم ڪرڻ جو واعدو ڪري، مڙس به گهر جي بربادي ۽ ٻارن جي ڪفالت ۽ پرورش جي سختين جو اندازو لڳائي سُهڻي نموني سان زندگي گذارڻ ۾ سلامتي ڏسي ته اجا تائين ڪُجھ ناهي بگڙيو، پيهر زال مڙس وارا خاص تعلقات قائم ڪن. بس رُجوع ٿي ويو. اڳ وانگر زال مڙس ٿي رهن ۽ هڪ ٻئي جا حق ادا ڪن. بهتر آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ٻن مردن يا هڪ مرد ۽ ٻن عورتن جي سامهون مڙس چئي ته ”آءُ پيهر پنهنجي زال کي پنهنجي نڪاح ۾ موٽايان ٿو“. هي رجوع جو افضل طريقو آهي جيئن ته ٻِين کي تعلقات جي بحال ٿيڻ سان ڪا غلط فهمي نه ٿئي ۽ رجوع ڪرڻ به طلاق وانگر سڀن جي علم ۾ اچي وڃي. ۽ جيڪڏهن عدت جي وچ ۾ مڙس رجوع نه ڪيو هُجي ۽ عدت پوري ٿي وڃي ته هاڻ مطلقه پوري طرح سندس نڪاح کان آزاد ٿي وئي،

www.sukkurvi.com

هاڻ جتي سندس دل چاهي نڪاح ڪري، طلاق ڏيندڙ سان سندس ڪو تعلق ناهي رهيو، ٻئي بالڪل ڌاريا ٿي ويا.

(٢) طلاق جي ان بهترين طريقي ۾ ٻيو فائدو هي آهي ته جيڪڏهن نڪاح جي رشتي کان آزاد ٿيڻ ۾ ڪُجھ وقت گذرڻ کان پوءِ ڪنهن سبب جي ڪري هڪ ٻئي جي ياد سَتائڻ لڳي، رنجيدگين ۽ رنجشن کي ويساري هڪ ٻئي جي خوبين، خدمتن ۽ احسانن تي غور ڪرڻ جو نئين سِر موقعو ملي ۽ پوءِ ٻيهر هڪ ٻئي سان نڪاح ڪرڻ جا خواهشمند هُجن ته طلاق ۽ عدت گذرڻ کان پوءِ به بنا ڪنهن حلالي جي ٻيهر پاڻ ۾ نئين مهر سان، پنهجي رضامندي سان نڪاح ڪري سگهن ٿا.

فرض ڪجي ته ٻيهر نڪاح ٿي ويو ۽ بدقسمتيءَ سان ٻيهر به انکي ڪاميابيءَ سان نه نڀائي سگهيا ۽ خدانخواسته ٻيهر طلاق جو موقعو اچي وڃي ته ٻيهر طلاق ڏيڻ کان پهرين هن دفعي به انهن سمورين تفصيلن تي عمل ڪرڻ گهرجي جن جو ذڪر مٿي ٿيو آهي (يعني پهرين سمجهڻ سمجهائڻ کان ڪم وٺي، پوءِ ڏڙڪو ۽ دامان ڪري، پوءِ خاندان جي ٻن ماڻهن کي امين ۽ ثالث بڻائي) پوءِ به طلاق

ڏيڻ ٿي ضروري هُجي تہ پوءِ طلاق احسن ڏني وڃي، (يعني ماهواري کان پاڪ زماني ۾ جنهن ۾ زال سان همبستري بہ نہ ڪئي هجي، صاف صاف لفظن ۾ صرف هڪ طلاق ڏي) جنهن ۾ پيهر مڙس کي اجازت آهي تہ هو عدت جي وچ ۾ رجوع بہ ڪري سگهي ٿو ۽ عدت کان پوءِ بنا ڪنهن حلالي جي هڪ ٻئي جي رضامندي سان نئي مهر تي پيهر نڪاح بہ ڪري سگهي ٿو. پر هاڻ طلاق ڏيندڙ طلاق جا ٻہ درجا ٽپي چڪو آهي ۽ ٻہ طلاقون ٿي چڪيون آهن، رجوع ڪرڻ يا ٻئي نڪاح ڪرڻ سان هي ڏنل ٻہ طلاقون ختم ناهن ٿيون، اُهي تہ ٿي چڪيون آهن پر ٻن طلاقن تائين شريعت هي سهولت رَکي آهي تہ جيڪڏهن هڪ يا ٻن طلاقن کان پوءِ ٻئي شرمسار آهن ۽ ملڻ چاهين تہ ٻن طلاقن تائين انهن لاءِ اِن جي گنجائش آهي.

هاڻ ان کان پوءِ ٻنهي لاءِ وڏي اهم فڪر جو وقت آهي ۽ هاڻ کين مستقبل ۾ هڪ ٻئي سان زندگي گذارڻ لاءِ ڏاڍي سوچ ويچار جي ضرورت آهي، ڇوتہ هو نڪاح واري زندگي قائم ڪرڻ جا ٻہ درجا اڳ ئي پار ڪري چُڪا آهن، هاڻ کين اڳتي لاءِ آخري دفعو وري هڪ پڪو فيصلو

www.sukkurvi.com

ڪرڻو آهي. اُهو فيصلو آخري فيصلو هوندو جيڪڏهن
هڪ ٻئي جا حق ادا ڪرڻ ۽ سُهڻي نموني پنهنجو گهر
وَسائي ڪري زندگي گُذارڻ جو ارادو ڪن ٿا ته ٻئي طلاق
جي وچ ۾ رجوع ڪري سگهن ٿا، نه ته عدت ڪان پوءِ هڪ
ٻئي جي رضامنديءَ سان پيهر نڪاح به بنا ڪنهن حلالي
جي ٿي سگهي ٿو پوءِ جيڪڏهن انهن ٻنهي هي قيمتي
موقعو به ضائع ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ناسمجهي، نالائقي
۽ بي ڍنگي جي ڪري هن دفعي به طلاق جي نوبت اچي وئي
۽ مڙس طلاق ڏئي ويٺو ته زال اُن تي حرام ٿي ويندي،
جنهن ۾ نه رجوع ٿي سگهي ٿو ۽ نه حلالي جي بنا پيهر
نڪاح ٿي سگهي ٿو.

احسن طريقي سان طلاق ڏيڻ ۾ ٻه دفعا ڊگهي
عرصي تائين ٻنهي کي هڪ ٻئي جو الڳ ٿيڻ ۽ اُن مان پيدا
ٿيندڙ نتيجن تي بُردباري سان سوچ ويچار جو موقعو
ملندو آهي ۽ پيهر نڪاح واري رشتي کي بَحال ۽ قائم
ڪرڻ جو رَستو به باقي رهندو. هڪدم ٽي طلاقون ڏيڻ ۾
اهڙو ڪو به فائدو ناهي، زال مڙس ٻئي مُنهن مَٿو پٽي
رهجي ويندا آهن ۽ وڏي مُشڪل جو شڪار ٿي ويندا آهن.

www.sukkurij.com

طلاق جي ان احسن طريقي ۾ ڪٿي جلد بازي ۽ تڪڙ ناهي. تڪڙ شيطاني ڪم آهي، جنهن جو انجام پشيماني آهي. جيئن ته اوهان اندازو لڳايو ته شريعت پهرين هي حڪم ڏنو آهي ته زال مڙس پاڻ ئي پنهنجو معاملو نَبيرن، مڙس سمجهائڻ کان ڪم وٺي، ان سان ڪم نه هلي ته زال جو بسترو الڳ ڪري. ان سان به زال پاڻ کي ٺيڪ نه ڪري ته دَڙڪي ڏي، ڏامان ۽ هلڪي مار سان ڪيس ٺيڪ ڪري. هي به فائدو نه ڏئي ته ڪنهن امين ۽ ٺيا ڪر جي ذريعي صلح، صفائي ڪرائي وڃي. جڏهن ائين به حالت ٺيڪ ٿيڻ جي اُميد نه ٿئي ۽ ڪا به صورت گڏجي رهڻ جي نه رهي ته زال کي جيڪڏهن ماهواري اچي رهي آهي ته سندس پاڪ ٿيڻ جو انتظار ڪري، فوري طلاق نه ڏي، جڏهن ماهواري مان بالڪل پاڪ ٿي وڃي ته طلاق جي احسن طريقي مطابق ڪيس صرف هڪ طلاق زباني يا لکت ۾ ڏي.

ڏسو! هر جاءِ تي ٻنهي کي هر هر سوچ ويچار جو موقعو ڏنو پيو وڃي ۽ سوچ ويچار جو پورو پورو وقت ڏنو پيو وڃي. ۽ وري اسلامي شريعت جي ٻُڌايل طريقي جي

www.sukkurvi.com

اعتبار سان ظاهر ٿي رهيو آهي ته جيترو ٿي سگهي نڪاح برقرار رهي ۽ طلاق جو استعمال نه ٿئي، ۽ جيڪڏهن سخت مجبوري ۾ طلاق ڏيڻي پئجي وڃي ته ان جو استعمال گهٽ کان گهٽ ٿئي، تان ته آئنده به هو جيڪڏهن پيهر نڪاح ڪرڻ چاهن ته نڪاح ڪري سگهن.

**هڪدم ٽي طلاقون ڏيڻ سان ٿُنهي جي پئجي وڃڻ جو سبب**

جيڪڏهن ڪو ناسمجهه طلاق جي ان بهترين طريقي کي اختيار ئي نه ڪري ۽ ان کي ڄاڻڻ جي حد تائين به معلوم نه ڪري، بنا سوچي سمجهي ڪاوڙ جي جوش ۾ ٽي طلاقون ڏي ويهي ته هي سندس پنهنجو قصور آهي، دين ۽ شريعت تي ڪو الزام ناهي. هو پاڻ پنهنجي مٿان روئي ۽ پنهنجي ڪَئي تي نيڻ وَهائي. غلط ۽ غير شرعي طريقو اختيار ڪرڻ جي اِهائي سزا آهي. جڏهن پاڻ ئي اُن پنهنجا سمورا اختيار ۽ شريعت جون ڏنل آسانيون نظر انداز ڪري ڇڏيون ۽ بنا وجه ۽ بنا ضرورت جي ختم ڪري ڇڏيون ته هاڻ سندس سزا هي آهي ته نه رجوع ٿي سگهي ۽ نه بنا ٻي شاديءَ جي پاڻ ۾ نڪاح ٿي سگهي.

www.sukkurvi.com

ڪي ماڻهو اُن مشهور ڪهاوت ”اُبتو چور ڪوتوال کي دڙڪائي“ جا مصداق هوندا آهن ۽ وڏي بيحيائيءَ سان چوندا آهن تہ دلي ارادي بنا ڪاوڙ ۾ ڏنل ٽن طلاقن کي ٽي ڇو ٿا سمجهو؟ ان ڪان علاوه بہ اُهي طرح طرح جون ڳالهيون ۽ اعتراض ڪندا آهن ۽ عقل کان ڪورو هجڻ جو ثبوت ڏيندا آهن، سندن عقلي ۽ عرفي جواب تہ اهيو ئي آهي تہ ڪنهن ڪم جو جرم يا ڏوھ هجڻ اُن جي ڪارگر هجڻ کي ڪٽي بہ ناهي روڪي سگهندو مثال جي طور تي ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ جرم بہ آهي عقلي ڏوھ بہ آهي پر انجي باوجود جيڪڏهن ڪو شخص ناسمجهيءَ ۾ ڪنهن کي ٽي گوليون هڻي يا ڪاوڙ ۾ تلوار هڻي قتل ڪري تہ جنهن کي گولي هڻي ڪري يا تلوار سان قتل ڪيو ويو اُهو تہ قتل ٿي ويندو آهي، سندس موت ان جو انتظار ناهي ڪندو تہ هيءَ گولي جائز طريقي سان هڻي وئي آهي يا ناجائز طريقي سان ۽ تلوار ڪاوڙ ۾ هلائي وئي آهي يا محبت ۾، سمجهي ڪري هڻي وئي آهي يا ناسمجهي ۾. هڪ ٻيو مثال وٺو. چوري ڪرڻ سمورن مذهبن وٽ جرم ۽ ڏوھ آهي پر جيڪو مال ان طريقي سان غائب ڪيو ويو اُهو تہ هٿ مان

نڪري ئي ويندو آهي. اهوئي حال سمورن گناهن ۽ ڏوهن جو آهي جو انهن جو ڏوهه يا گناهه هجڻ سندن اثر ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ ناهي بڻبو. سو هڪدم ٽي طلاقون ڏيڻ بيشڪ ڏوهه ۽ گُناهه آهي پر ڪو ڏيندو ته ٽئي پئجي وينديون.

شرعي جواب هي آهي ته ڪيترين صحيح حديثن ۾ هڪ جاءِ تي ڏنل ٽن طلاقن کي حضور اقدس ﷺ معتبر مڃيو آهي ۽ نافذ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ هن غير مشروع طريقي سان طلاق ڏيڻ تي سخت ڪاوڙ جو به اظهار به فرمايو آهي جيئن ته امام نسائيؒ محمود بن لبيدؓ جي روايت سان نقل ڪيو آهي:

"حضور اڪرم ﷺ جن کي هڪ ماڻهو بابت خبر ڏني وئي جنهن پنهنجي زال کي طلاقون ڏئي ڇڏيون هيون، پاڻ ﷺ ڪاوڙجي اُٿي بيهي رهيا ۽ فرمايائون: ڇا الله جي ڪتاب سان راند ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته آءٌ توهان جي وچ ۾ موجود آهيان. ايتري ۾ هڪ ماڻهو اُٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو اي الله جا رسول! ڇا آءٌ هن کي قتل نه ڪيان" (نسائي شريف، ڪتاب الطلاق صفحه ۹۸ جلد ۲)

www.sukkurvi.com

**تشريح** ✡ هي وڏي معتبر، صحيح ۽ مستند حديث آهي. حافظ ابن القيمؒ صحيح علٰي شرط مسلم قرار ڏنو آهي (زاد المعاد) ۽ جوهر نقي ۾ علامہ ماورديؒ ان جي سند صحيح ۽ ابن ڪثيرؒ اسناد جيّد ۽ ابن حجرؒ رواه مؤثقون فرمايو آهي ۽ اِن حديث ۾ ٽي طلاقون هڪ ئي ٽائيم تي ڏيڻ تي حضور اقدس ﷺ انتهائي ڪاوڙ جو اظهار فرمايو آهي ۽ ڪن صحابہ ڪرامؓ ان شخص کي سزا جو مستحق سمجهيو، پر هي ڪٿي منقول ناهي تہ پاڻ ﷺ سندس طلاقن کي ختم ڪري يا ٽن کي هڪ رجعي طلاق قرار ڏئي زال سندس حوالہ ڪري ڇڏي هُجي، بلڪ قاضي ابن عربيؒ هي لفظ بہ ان حديث بابت نقل ڪيا آهن تہ پاڻ سندس ٽنهي طلاقن کي نافذ فرمائي ڇڏيو. (عمدة الاثاث)

هڪ روايت حضرت عويمر عجلانيءَ جي آهي تہ اُنهن پاڻ ﷺ جن جي سامهون پنهنجي زال سان لعان ڪيو. ۽ جڏهن اُهي ٻئي(يعني حضرت عويمر عجلانيءَ ۽ سندن زال) لعان کان فارغ ٿي ويا تہ حضرت عويمر عجلانيءَ چيو تہ: الله جا رسول ﷺ آءُ هن تي ڪوڙ ڳالهائيندڙ هوندس

www.sukkurvi.com

جيڪڏهن مون هُن کي پاڻ وٽ رکيو. پوءِ حضرت عويمر عجلانيءَ کيس ٽي طلاقون ڏئي ڇڏيون ان کان پهرين جو رسول ڪريم ﷺ کيس حڪم ڏين ها. (بخاري شريف مع فتح الباري صفحه ۳۱۰)

**تشريح** ✵ بخاري شريف ۾ هن حديث جو هجڻ هن جي صحيح هجڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ هن حديث ۾ پوري وضاحت سان ثابت آهي ته رسول الله ﷺ حضرت عويمر عجلانيءَ جي هڪ وقت ۾ ٽن طلاقن کي ٽئي قرار ڏئي نافذ فرمايو آهي. ۽ محمود بن لبيد جي پهرين گذريل روايت ۾ به قاضي ابوبڪر بن عربيؓ جي روايت مطابق ٽن طلاقن کي نافذ ڪرڻ جو ذڪر موجود آهي ۽ بالفرض هي به نه هُجي ها ته هي به ڪٿي منقول ناهي ته پاڻ ﷺ هڪ وقت ۾ ڏنل ٽن طلاقن کي ڪالعدم يا ٽن کي هڪ طلاق رجعي قرار ڏنو هجي.

هڪ ٻئي روايت آهي ته حضرت عليءَ جي شهادت کان پوءِ جڏهن حضرت حسنؓ خليفا ٿيا ته سندن گهرواري حضرت عائشه خثعميہؒ کين مُبارڪ ڏني. اِن تي حضرت

حسنؓ فرمايو: ڇا هي مُبارڪ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شهادت تي آهي؟ ان تي تون خوشيءَ جو اظهار ڪري رهي آهين، توتي ٽي طلاقون آهن. جڏهن عدت ختم ٿي وئي تہ حضرت حسنؓ باقي مهر ۽ ڏهہ هزار روپيا موڪليا. جڏهن حضرت عائشه کي هي رقم ملي تہ چوڻ لڳي: جدا ٿيندڙ حبيب کان هي مال گهٽ آهي. هي ٻُڌي حضرت حسنؓ رُوئي پيا ۽ فرمايائون:

لولا انى سمعت جدى او حدثنى ابى انه سمع جدى يقول ايما رجل طلق امراته ثلاثا عند الاقراءِ او ثلاثا مبهمة لم تحل له حتّٰى تنكح زوجا غيره لراجعتها.

يعني نانا سائينﷺ جو هي ارشاد نہ هجي ها تہ ”جنهن شخص پنهنجي گهرواري کي ماهواري جي وقت يا مبهم (گول مول) ٽي طلاقون ڏنيون تہ اُها عورت بنا ٻئي نڪاح جي اُن لاءِ حلال ناهي ٿيندي“ تہ آءُ رجوع ڪري ڇڏيان ها. (سنن ڪبريٰ صفحہ ٣٣٦ جلد ٧)

طبراني حضرت عباد بن صامتؓ کان روايت ڪئي آهي تہ:

www.sufkuryi.com

هڪ شخص پنهنجي گهرواري کي هڪ هزار طلاقون ڏئي ڇڏيون تہ پاڻ ﷺ فرمايو تي طلاقون تہ پئجي ويون، باقي نو سو ستانوي سان هُن ظلم ڪيو، جيڪڏهن الله چاهي تہ ڪيس عذاب ڏي ۽ جيڪڏهن چاهي تہ معاف ڪري. (الاشفاق علي احڪام الطلاق)

**فائدو** ✸ هنن سمورن حديثن مان هي ثابت ٿي ويو تہ هڪ وقت ۾ ٽي طلاقون ڏيڻ سان ٽئي طلاقون پئجي وينديون آهن. مختلف حيلن سان انهن کي ڪالعدم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا ٽن کي هڪ طلاق رجعي قرار ڏيڻ ڇڙو جهالت آهي ۽ ائين ڪرڻ سان حرام حلال نٿو ٿي سگهي.

خلاصو هي آهي تہ جيئن تہ نڪاح هڪ اهم معاملو آهي ۽ اُن لاءِ عرصي کان تياريون ڪيون وينديون آهن ۽ وڏي سوچ ويچار ۽ سوچي سمجهي ڪري شرعي طريقي سان ڪيو ويندو آهي، بالڪل ائين ئي طلاق جو معاملو بہ وڏو اهم معاملو آهي بلڪ ڪنهن اعتبار سان نڪاح کان بہ وڌيڪ اهم ۽ نازڪ معاملو آهي اسلامي شريعت ان جو بہ

www.sukkurvi.com

طريقو ٻڌايو آهي. اُن طريقي کي اختيار ڪرڻ لازم ۽ واجب آهي، ان کي ويساري طلاق جي سلسلي ۾ پنهنجو پاڻ کي آزاد سمجهڻ ۽ بنا سوچي سمجهي جوش، ڪاوڙ ۾ بنا خوف جي طلاق کي استعمال ڪرڻ نہ صرف ناجائز ۽ گُناھ آهي بلڪِ معاشرتي طور تي بہ اُن جا نتيجا ڏاڍا ڳڻتي جوڳا ۽ پريشان ڪرڻ وارا آهن. سلامتي ۽ عافيت رُڳو ان ئي طريقي ۾ آهي جيڪو انسانيت جي محسن ﷺ تعليم ڏنو آهي، سخت ضرورت ۾ ان ئي طريقي تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ غلط طريقي کان توبہ ڪري هميشہ جي لاءِ بچڻ گهرجي.

وما علينا الا البلاغ

www.sukkurvi.com

نوٽ: براءِ ڪرم هن ڪتابڙي کي پڙهي احتياط سان رکو يا پڙهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي کي ڏيو ضايع نہ ڪريو.













چيپينڊڙ سروري پرنٽنگ ايجنسي درگاه روڊ هالا نيو

فون نمبر: 0333-2851185, 0333-2856099